
# ايصالِ ثواب جون برڪتون

**29-February-24**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان
(for Islamic Brothers)

29 فيبروري، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ايصالِ ثواب جون برڪتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... قبر تي آلي ٽاري رکڻ جي برڪت
- ✿... پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فوت ٿي ويلن تي رحمت
- ✿... فوت ٿي ويلن تي رحم جا طريقا
- ✿... ٻڏل جهاز واپس ملي ويا

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

For Feedback: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ عورت جو پٽ هو جيڪو تمام گهڻو گناهگار هو. ماءُ پنهنجي هن پٽ کي نيڪي جو حڪم ڏيندي هئي، بي حيائي ۽ بُرن ڪمن کان منع ڪندي هئي پر اهو باز نہ ايندو هو. آخرڪار تقدير ان تي غالب آئي ۽ اهو نوجوان بغير توبہ جي مري ويو. ان جي ماءُ کي تمام گهڻو صدمو رسيو هن ڳالهہ تي جو ان جو پٽ بغير توبہ جي مري ويو. ان ماءُ تمنا ڪئي تہ پنهنجي پٽ کي خواب ۾ ڏسي. هڪ دفعي ان خواب ۾ پنهنجي پٽ کي عذاب ۾ مبتلا ڏٺو تہ اها ڏاڍي غمگين ٿي وئي. جڏهن ڪجهہ مدت کان پوءِ ان ٻيهر پنهنجي پٽ کي خواب ۾ ڏٺو تہ ان جي حالت تمام سُني هئي ۽ اهو خوش پاش هو. ان پنهنجي پٽ کان ان حالت بابت پڇيو تہ اي منهنجا پٽ! مون تہ تو کي عذاب ۾ مبتلا ڏٺو هو، هاڻي اهو مرتبو ۽ مقام ڪيئن مليو؟ تہ ان جواب ڏنو: اي منهنجي ماءُ! هڪ گنهگار شخص اسان جي قبرستان مان گذريو، ان قبرن ڏانهن ڏٺو ۽ ٻيهر زنده اٿارڻ جي باري ۾ غوروفڪر ڪيو. مُردن کان نصيحت حاصل ڪئي، پنهنجي خطائن تي رُنو ۽ پنهنجي خطائن تي شرمسار ٿيندي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سچي توبہ ڪيائين ۽ عهد ڪيائين تہ هاڻي اهو ڪڏهن بہ گناهن ڏانهن نہ موٽندو. سو ان جي توبہ سبب آسمان جا ملائڪ گهڻا خوش ٿيا ۽ چوڻ لڳا:

سُبحٰن الله! هن شخص پنهنجي رب سان ڪهڙي نہ بهترين صُلح ڪئي آهي. الله پاڪ ان جي توبہ قبول فرمائي. ان کان بعد ان ڪجهہ قرآنِ ڪريم پڙهيو ۽

رحمتون ورهائڻ واري آقا، ڪرم فرمائڻ واري مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ويهه (20) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ۽ ان جو ثواب اسان سڀني قبرستان وارن کي پهچايو. ان جو ثواب اسان تي ورهايو ويو ته مون کي به ان مان ڀلائي ملي، جنهن سبب الله پاڪ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مون کي اهو مقام عطا ڪيو ويو جيڪو اوهان ڏسي رهيا آهيو. پٽ وڏيڪ چيو: امڙ سائڻ! رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پاڪ پڙهڻ دلين جو نور، گناهن جو ڪفارو ۽ زنده ۽ مرده جي لاءِ رحمت آهي.[1]

| | |
|---|---|
| ذات والا پہ بار بار درود | بار بار اور بے شمار درود |
| بے عدد اور بے عدد تسلیم | بے شمار اور بے شمار درود |
| قبر میں خوب کام آتی ہے | بیکسوں کی ہے یارِ غار درود(2) |

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان اَفروز واقعي مان اسان کي ڪوڙ سارا سبق سکڻ جي لاءِ ملن ٿا، مثال طور هن مان اهو سبق مليو ته توبه ۾ ڪڏهن به ٽال مٽول نه ڪرڻ گهرجي، ڪهڙي خبر ڪڏهن موت اچي وڃي، ڪڏهن روح قبض ڪيو وڃي، الله نه ڪري جيڪڏهن بغير توبه جي موت جي منهن ۾ هليا وياسين ته عذاب ۾ گرفتار ٿي سگهون ٿا. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته گناهن کان بچندا رهون ۽ سچي دل سان توبه ڪندا رهون.

| | |
|---|---|
| مت گناہوں پہ ہو بھائی بے باک تُو | بھول مت یہ حقیقت کہ ہے خاک تُو |
| تھام لے دامنِ شاہِ لولاک تُو | سچّی توبہ سے ہو جائے گا پاک تُو(3) |

وڏيڪ هن واقعي مان اهو به معلوم ٿيو ته قبرستان وڃڻ، قبرن جي ويراني ۽ سُنسان ماحول ڏسي ڪري ❁ آخرت جي ياد ايندي آهي ❁ دل چوٽ کائيندي

---

1 الروض الفائق، اَلْمَجْلِسُ الْاَوَّل فِی فِضْلِ الصَّلاۃِ عَلی النَّبِی صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ...الخ، صفحه:8۔
2... ذوقِ نعت، صفحه:123تا125 ملتقطاً۔
3... وسائلِ بخشش، صفحه:656۔

آهي ❁ دنيا جي محبت دل مان نڪرندي آهي ❁ ۽ توبه جي طرف دل مائل ٿيندي آهي، انهي ڪري اسان کي گهرجي ته وقتاً فوقتاً قبرستان ويندا رهون، اُتي ڪجهه دير ويهي ڪري قبر جي احوال ۽ قيامت جي ڏينهن قبرن مان اٿڻ جي باري ۾ غور ڪيون. ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ❁ دل روشن ٿيندي ❁ گناهن کان نفرت ❁ ۽ نيڪين جي محبت نصيب ٿيندي ❁ هن واقعي مان هڪ اهم ڳالهه اها به سکڻ جي لاءِ ملي ته اسان جو جڏهن به قبرستان جي ويجهو گذر ٿي❁ ڪجهه تلاوت ڪري ❁ درود پاڪ پڙهي ڪري❁ ڪجهه ذڪر اذڪار ڪري قبرستان وارن کي ايصالِ ثواب ڪندا ڪيون. هن جون جيڪي برڪتون اسان کي ملنديون، اهي ته ملنديون ئي، ڪهڙي خبر اسان جي هن ايصالِ ثواب جي برڪت سان اُنهن اَهلِ قبرستان وارن کي ڪهڙا ڪهڙا فائدا ملي وڃن. الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ ۽ ان جو ثواب تمام مسلمانن کي پهچائيندي رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي

1...بخاري، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

## قبر تي آلي ٽاري رکڻ جي برڪت

بخاري شريف ۾ آهي، سُلطانُ المُفسّرين حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہما فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ علَیهِ والِهٖ وسلَّم ٻن قبرن جي پرسان گذريا، پاڻ صَلَّی اللہ علَیهِ والِهٖ وسلَّم 2 قبرون ڏسي، فرمايائون: هنن ٻنهي قبر وارن تي عذاب ٿي رهيو آهي ۽ عذاب به ڪنهن وڏي گناهه جي سبب ناهي ٿي رهيو(يعني هي جنهن گناهه ۾ مبتلا هئا، اهي اهڙا نه هئا جو جنهن کان بچڻ مشڪل هجي،) ❁ هنن مان هڪ پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچندو هو ❁ ۽ ٻيو چغل خور هو. پوءِ پياري آقا، محبوبِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ علَیهِ والِهٖ وسلَّم آلي ٽاري ڪنئي، ان جا ٻه حصا ڪيا، هڪ حصو هڪ قبر تي ۽ ٻيو حصو ٻي قبر تي لڳائي ڇڏيو، صحابه ڪرام رضی اللہ عنہم ان جي حڪمت پڇي ته فرمايائون: لَعَلَّهُ اَنْ يُخَفَّفَ عَنْهُمَا مَا لَمْ يَيْبَسَا اُميد آهي ته جيستائين ٽاريون نه سڪنديون، انهن مُردن جي عذاب ۾ گهٽتائي رهندي.[1]

شَدائد نَزع کے کیسے سَہوں گا یارسولَ اللہ!
اندھیری قبر میں کیسے رہوں گا یارسولَ اللہ!
برائے نام دردِ سر سہاجاتا نہیں مجھ سے
عذابِ قبر کیسے سہ سکوں گا یارسولَ اللہ!
یہاں چِیونٹی بھی تڑپادے مجھے تو قبر کے اندر
میں کیونکرڈنک بچھّو کے سہوں گا یارسولَ اللہ! (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حديث پاڪ مان ملڻ وارا سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان اسان کي ڪوڙا سارا سبق سکڻ جي لاءِ ملن ٿا:

---

1 بخاری، کتاب الجنائز، باب الجريد على القبر، صفحہ:381، حديث:1361
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:322، 323 ملتقطاً۔

## (١) نگاهِ مصطفيٰ ﷺ جو ڪمال

سيني ڪان پهريان تہ هن حديث پاڪ جي روشني ۾ نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪمال ڏسو! هتي اهو نہ سمجهو تہ قبر تي چند مَڻ مٽي آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان مٽي جي هيٺيان ڏسي ورتو، نہ، نہ!....ايئن ناهي، اهو جهان تبديل آهي، قبر ۾ اندر جهاتي پائي ڏسڻ هونئن ئي شرعاً درست ناهي، باقي برسات وغيره جي سبب ڪڏهن قبر کلي وڃي تہ اسان کي اتي ڪجھ بہ نظر نہ ايندو، ڇو؟ ان ڪري جو جيڪو اسان ڏسي رهيا آهيون اها دنيا آهي، مُردي سان جيڪي معاملات ٿي رهيا آهن، اهي دنيا ۾ نہ بلڪ ٻي جهان يعني عالم برزخ ۾ ٿي رهيا آهن پر قربان وڃجي! **هي نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪمال آهي**، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن دنيا ۾ ظاهري حيات سان گڏ تشريف فرما آهن، هي جهان عليحده آهي، عالمِ برزخ الڳ جهان آهي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جهان ۾ رهندي ٻي جهان کي ڏسي بہ رهيا آهن ۽ ٻي جهان ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڪهڙي سبب ٿي رهيو آهي؟ اهو سڀ ڪجھ ڄاڻي بہ رهيا آهن.

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نگاهِ مصطفيٰ جو ڪمال بيان ڪندي رمائن ٿا:

شش جِہَت سمتِ مقابِل شب وروز ایک ہی حال

دُھوم وَالنَّجم میں ہے آپ کی بینائی کی (1)

**وضاحت:** سمتِ مقابل: يعني سامهون جي طرف. هي اسان جهڙا عام ماڻهو آهن، اسان کي صرف اها ئي شيءِ نظر ايندي آهي جيڪا اسان جي اکين جي سامهون هجي پر نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو ڪمال آهي جو پاڻ مٿي، هيٺ، ساڄي، کاٻي، اڳيان پويان، هر طرف

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:154۔

ڏسندا آهن، ڇهه جون ڇهه سمتون (يعني ساڄي، کابي، مٿي، هيٺ، اڳيان، پويان) پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ايئن آهن جيئن عام اک جي لاءِ سامهون جي سمت هوندي آهي ۽ هي ايئن ناهي جو ڪنهن خاص وقت هوندو آهي بلڪ ڏينهن رات، هر وقت، هر گهڙي پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهِ پاڪ جو اهو ئي ڪمال آهي. جيڪڏهن ان جو دليل ڏسڻو آهي ته سيپاري: 27، سوره وَالنَّجْم پڙهو، اللّٰه پاڪ هن سورت ۾ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏسڻ جي قوت جو ڪمال بيان فرمايو آهي.

## ٿون زنده آهين

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هي هڪ ڳالهه به نهايت ايمان اَفروز آهي ته جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ظاهري دنيا ۾ تشريف فرما هئا، عالمِ برزخ ڏسي وٺندا هئا ته غور فرمايو! هاڻي اسان ظاهري دنيا ۾ آهيون ۽ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالمِ برزخ ۾ تشريف فرما آهن، جيڪڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن دنيا ۾ رهي ڪري عالمِ برزخ کي ڏسي سگهن ٿا ته عالمِ برزخ ۾ رهي ڪري اسان غلامن کي ڇونه ڏسي سگهندا. يقيناً پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان هر گهڙي وڌي رهي، پاڻ جيئن دنيا ۾ رهي ڪري برزخ کي ڏسندا هئا، ايئن ئي عالمِ برزخ ۾ رهي ڪري اسان غلامن کي به ڏسي رهيا آهن.

تُم کو عِلمِ غیب مولا نے عطا فرما دیا | کر دیا ہر جا پہ حاضِر اور نَاظِر یا نبی! (1)

## (2) ٻه خطرناڪ گناهه

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف مان اسان کي اهو به سکڻ جي لاءِ مليو ته چغلي ۽ پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ تمام خطرناڪ گناهه آهن. انهن ئي گناهن جي سبب انهن مُردن کي عذاب ٿي رهيو هو ۽ پياري پياري آقا،

1...وسائلِ بخشش، صفحه:378۔

مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي باري ۾ فرمايو:مَا يُعَذَّبَانِ فِيْ كَبِيْرٍ يعني انهن کي عذاب ڪنهن اهڙي گناهه جي سبب ناهي ٿي رهيو جن کان بچڻ نهايت مشڪل آهي.[1]

خبر پئي! چغلي ۽ پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ اهڙا گناهه ناهن جن کان بچڻ مشڪل هجي پر افسوس! اڄڪلهہ حالات ڏاڍا ابتا ٿي ويا آهن، اڄوڪي دور ۾ نيڪي ڪرڻ مشڪل ۽ گناهه ڏاڍا آسان ٿي ويا آهن، اهڙا گناهه جن سان بچڻ مشڪل ناهي، اسان جو معاشرو انهن گناهن جي لپيٽ ۾ اچي چڪو آهي. ❁ چغلي ڪي ٿي وٺو! فساد ڪرائڻ جي لاءِ هڪ شخص جي ڳالهہ ٻئي تائين پهچائڻ چغلي چورائيندو آهي.[2] ❁ چغلي ناجائز و حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[3] پر افسوس! اسان جي حالت اهڙي آهي جو ❁ بس ٻہ شخص ڪٿي ويهي رهن، غيبت، چغلي ❁ گهرن ۾ غيبتون، چغليون ❁ بازار ۾ دڪاندار پاڻ ۾ هڪٻئي جون چغليون ڪندا آهن ❁ آفيسن ۾ غيبتون، چغليون ❁ دوستن جي ويهڪ ۾ غيبت، چغلي ❁ مطلب تہ انهن گناهن جي ايتري ڪثرت آهي جو **بس الله پاڪ جي پناهہ**...!! اڄڪلهہ هن کان بچڻ ڏاڍو مشڪل آهي. سوچي ڳالهائڻ جي تہ عادت بلڪل نہ هجڻ جي برابر آهي، لهٰذا چڱا ڀلا لکيل پڙهيل بہ گفتگو ۾ بي احتياطون ڪندا آهن ❁ غيبت ٿي رهي هوندي آهي ❁ چغلي ٿي رهي هوندي آهي ❁ ڪوڙ ڳالهائي رهيا هوندا آهن پر اندازو تائين ناهي ٿيندو تہ " مون هاڻ جيڪو ڳالهايو، هي ڪيترو سخت جرم ٿي ويو آهي" بس زبان هلي رهي آهي ۽ گناهہ تي گناهہ ٿي رهيا آهن. ❁ اهڙي طرح پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ جو معاملو آهي غير مُهَذّب ماڻهو

---

1 بخاری، کتاب الجنائز، باب الجرید علی القبر، صفحہ:381، حدیث:1361۔
2 الحدیقۃ الندیہ، القسم الثانی، المبحث الاول، النوع السابع فی النمیمۃ، جلد:4، صفحہ:63
3 الحدیقۃ الندیہ، القسم الثانی، المبحث الاول، النوع السابع فی النمیمۃ، جلد:4، صفحہ:64 بتصرف

❁ گهٽين ۾ ❁ ديوارن جي سامهون پيشاب ڪندا آهن، هن بيشرمي واري ڪم ۾ جتي ٻيون ڪوڙ برائيون آهن، اُتي پيشاب جي ڇنڊن کان پاڻ کي بچائڻ بہ نهايت مشڪل هوندو آهي ۽ عام طور ايئن ڪرڻ وارا پاڻ کي ناپاڪ ڇنڊڻ کان بچائڻ جو لحاظ بہ ناهن ڪندا ❁ ڪيئي دفعا **W.C** (يعني واش روم ۾ ويهڻ جي سيٽ) گهٽ گِهري لڳائي ويندي آهي، ان صورت ۾ بہ خصوصاً پيرن کي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ مشڪل ٿيندو آهي، جيڪي پاڪائي ناپاڪائي جا احڪام نٿا ڄاڻين يا جيڪي نماز جا عادي ناهن، انهن جي عموماً هن طرف توجهہ بہ ناهي ويندي، واش روم ڪرڻ کان بعد هٿ تہ ڌوئيندا ئي آهيون پر پير ناپاڪ ئي رهجي ويندا آهن❁ بلڪ هاڻي تہ بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي، خاص ڪري ايئرپورٽ ۽ ٻين ڪيئي هنڌن تي بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جو انتظان هوندو آهي، هن صورت ۾ بہ جسم ۽ ڪپڙن کي پيشاب جي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ سخت مشڪل ڪم آهي. ياد رکو! پاڻ کي پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچائڻ گناهہ آهي، غيب ڄاڻڻ واري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پيشاب کان بچو! عام طور تي عذابِ قبر انهيءَ ڪري ٿيندو آهي.[1]

## قبر جي عذاب جا ٽي بنيادي سبب

حضرت قَتادہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ قبر جي عذاب کي 3 حِصّن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي (1): هڪ ٽهائي عذاب غيبت جي ڪري (2) هڪ ٽهائي عذاب چغلي جي ڪري (3) ۽ هڪ ٽهائي عذاب پيشاب(جي ڇنڊن کان پاڻ کي نہ بچائڻ) جي ڪري ٿيندو آهي.[2]

الله پاڪ اسان کي انهن ٽنهي بلڪ هرقسم جي گناهہ کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 سنن الدار قطنی، کتاب الطہارۃ، جلد:1، صفحہ:98، حدیث:458۔
2 موسوعۃ ابن ابی الدنیا، کتاب:الغیبۃ والنمیمۃ، جلد:4، صفحہ:355، حدیث:52۔

## (3) پياري آقا ﷺ جي مري ويلن تي رحمت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان ٿيون ۽ نهايت اهم سبق جيڪو اسان کي سکڻ جي لاءِ مليو اهو آهي اسان جي پياري آقا و مولي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مري ويلن سان رحمدلي ۽ شفقت...!! اَلحَمْدُلله! اسان جا آقا، رسولِ خُدا، احمد مجتبيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام جهانن جي لاءِ رحمت آهن. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۰۷﴾

ترجَموڪنزُالعرفان: ۽ اسان اوهان کي تمام جهانن جي لاءِ رَحمت بڻائي ئي موڪليو.

(پاره:17، آلانبيا:107)

جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام جهانن جي لاءِ رحمت آهن ته يقيناً سندن عالمِ برزخ وارن جي لاءِ به رحمت آهن. انهي ڪري ته جڏهن پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبر ۾ انهن مُردن کي عذاب ٿيندي ڏٺو ته رحمتِ عالم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گوارا نه ٿيو، فوراً عذاب ۾ ڪمي جو سامان فرمايو، 2 ٽاريون گهرايون ۽ قبرن تي رکي ڇڏيون ۽ **حڪمت اها ٻڌائي ته جيستائين هي ٽاريون آليون رهنديون (تسبيح ڪنديون رهنديون، ان تسبيح جي برڪت سان) عذاب ۾ ڪمي ٿيندي رهندي.**[1]

علامہ اِبْن حجر عسقلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي واقعو صرف هڪ ڀيرو نه ٿيو، اسان کي حديثن ۾ انهي طرح جا ٻيا ڪوڙ واقعا به ملن ٿا، مثلاً هڪ ڀيرو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪٿي سفر تي هئا، صحابي رسول حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ به گڏ هئا، پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ هنڌ رڪيا ۽ حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان 2 ٽاريون گهرايون، انهن کي 2 مختلف هنڌن تي لڳائي ڇڏيو، حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هن باري ۾ پڇيو ته فرمايائون: **مون به قبرون ڏٺيون، انهن ۾ عذاب ٿي رهيو هو، لهٰذا مون چاهيو ته منهنجي شفاعت**

---

1 بخاری، کتاب الجنائز، باب الجريد على القبر، صفحہ:381، حديث:1361۔

جي صدقي جيستائين ٽاريون آليون رهنديون، تيستائين انهن کان عذاب ڪنيو ويندو.[1]

## پيارا آقا ﷺ جنازي جي نماز ادا فرمائيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي رسول ذيشان صَلَّى اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت تي شفقت آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وصال ڪرڻ وارن صحابہ ڪرام عَلَیۡهِم الرِّضْوَان جو جنازو ادا فرمائيندا هئا ۽ ان ۾ رغبت رکندا هئا تہ جيئن انهن کي سندن جنازي پڙهڻ جون برڪتون نصيب ٿي وڃن. هڪ صحابيہ رَضِیَ اللہ عَنۡهَا هئي، اها مسجد ۾ ٻهارو ڏيندي هئي، هڪ ڀيرو ايئن ٿيو جو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪافي ڏينهن تائين ان کي نہ ڏٺو، صحابہ ڪرام عَلَیۡهِم الرِّضْوَان کان پڇيائون: اها ٻهارو ڏيڻ واري عورت ڪيڏانهن وئي؟ صحابہ ڪرام عَلَیۡهِم الرِّضْوَان ٻڌايو: يارسول الله صَلَّى اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اُن جو انتقال ٿي ويو. رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اهو ٻڌي ڪري ڏاڍو افسوس ٿيو، فرمايائون: توهان مون کي اطلاع ڇو نہ ڏني. پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي قبر تي تشريف کڻي آيا. قبر تي نمازِجنازه ادا ڪئي ۽ فرمايائون: **هي قبرون انڌيري کان ڀريل آهن، بيشڪ الله پاڪ منهنجي انهن تي پڙهيل نمازِ جنازه جي بدولت(انهن جي انڌيري قبرن ۾) روشني فرمائي ڇڏيندو.**[2]

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے | جلوہ فرما ہو گی جب طلعت رسول اللہ کی(3)

**وضاحت:** اسان غريبن جي قبرن ۾ پياري آقا صَلَّى اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد تي سندن چهري انور جي نور جا اهڙا جلوا اٿندا جيڪي جهندن جيان اسان جي قبرن ۾ قيامت تائين لهرائيندا رهندا.

1 فتح الباری، كتاب الوضو، باب من الكبائر...الخ، جلد:1، صفحہ:416، زيرِ حديث:216بتصرف
2 مسلم، كتاب الجنائز، باب الصلاة على القبر، صفحہ:343، حديث:956۔
3...حدائقِ بخشش، صفحہ:152۔

## هڪ مسئلي جي وضاحت

خيال رهي! شرعي مسئلو آهي تہ جيڪڏهن ميت جو وليِ(يعني نهايت ويجهو رشتيدار جيئن پيءُ يا پٽ وغيره) جنازي ۾ شريڪ نہ ٿي سگهي تہ ان جي لاءِ اجازت آهي تہ ٿي ڏينهن کان پهريان پهريان قبر تي وڃي ڪري نمازِجنازه پڙهي سگهي ٿو. اسان جا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسلَّم تہ هر مسلمان جي سندن جان کان بہ وڌيڪ مالڪ آهن، انهيءَ ڪري پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسلَّم ان صحابيہ جي قبر تي نمازِ جنازه ادا فرمائي.[1]

## فوت ٿي ويلن تي رحم ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪي بہ هن اداءِ مصطفيٰ ڪي اپنائڻ گهرجي، هن دنيا ۾ تہ اسان هڪٻئي تي رحم ڪندا ئي آهيون❁ ڪو بڪايل نظر اچي وڃي تہ اسان ڪي هن تي رحم اچي ويندو آهي❁ اُجايلن ڪي پاڻي پياريندا ئي آهيون ❁ ڪنهن ڏکياري ڪي ڏسي ڪري سندس ڏک پري نہ بہ ڪري سگهون تہ تسلي وارا ڪجهه جملا چئي وٺندا آهيون. هي بہ چڱي ڳالهہ آهي پر ياد رکو! اسان جا اهي دوست ❁ رشتيدار❁ اسان جي جاڻ سڃاڻ وارا ❁ بلڪ اسان جا سيئي مسلمان ڀائر جيڪي هن دنيا کان هليا ويا، قبر ۾ لهي ويا، اهي اسان جي رحمدلي جا وڌيڪ حقدار آهن. علامہ اسماعيل حقي رَحۡمَةُ اللّٰه عَلَيۡه لکن ٿا: مري ويلن خاص ڪري مرحوم والدين ۽ استادن جي حق ۾ رحمدل هجڻ مسلمانن تي لازم ۽ ضروري آهي.[2]

جانے والوں سے رابطہ رکھنا | دوستو رسمِ فاتحہ رکھنا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هي ضروري ناهي تہ جيڪي قبر ۾ لهن، اهي سيئي

---

1 فتاوٰی رضويہ، جلد:9، صفحہ:291 ملخصاً۔

2 روح البيان، پاره:28، سورۀ حشر، زيرِ آيت: 10، جلد:9، صفحہ:433۔

گنهگارئي هجن، اَلحَمۡدُلله! ڪوڙ سارا نيڪ پرهيزگار بہ هوندا آهن بلڪ لکين اولياءِ ڪرام رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡھِم بہ تہ مزارن ۾ آرام فرما آهن. بهرحال! مقصد صرف ايترو آهي تہ اسان جي دل ۾ مري ويلن جي لاءِ رحمدلي هجڻ گهرجي، اسان جي دل ۾ اها تڙپ هجڻ گهرجي تہ جيڪي مسلمان دنيا کان وڃي چڪا، انهن کي ويسارڻو ناهي، ياد رکڻو آهي. اولياءِ ڪرام ۽ نيڪ ماڻهن کي ياد رکنداسين تہ انهن جو فيضان اسان کي نصيب ٿيندو ۽ عام مسلمانن کي ياد رکنداسين، انهن جي لاءِ نرم دل رکنداسين تہ اسان کي بہ برڪتون ملنديون، انهن جو بہ ڀلو ٿيندو. الله پاڪ اسان تي ڪرم فرمائي، ڪاش! رَحۡمَۃٌ لِّلۡعٰلَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فيضان نصيب ٿي ۽ اسان زنده ۽ مردن سڀني مسلمانن جي حق ۾ رحمدل ٿي وڃون. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فوت ٿي ويلن تي رحم جا طريقا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي مري ويلن جي لاءِ ڇا ڇا ڪري سگهون ٿا؟ ڪهڙي انداز ۾ انهن کي فائدو پڄائي سگهون ٿا؟ قرآن و حديث ۾ ان جا 2 طريقا ٻڌايا ويا آهن:

## (1) دعاءِ مغفرت ڪندا ڪيو!

مري ويلن سان رحمدلي ڪرڻ جو پهريون طريقو هي آهي: **دعاءِ مغفرت ڪرڻ.** حديث پاڪ ۾ آهي: قبر ۾ مُردي جي حالت ٻڏندڙ انسان جيان آهي(يعني جيئن ٻڏڻ واري کي ڪک جو سهارو هوندو آهي، يعني هُو ننڍڙو ڪک بہ ڏسي وٺي تہ وڏي اُميد سان ان کي پڪڙيندو آهي تہ شايد هن ئي جي سهاري ٻڏڻ کان بچي وڃان، قبر ۾ مردي جي حالت بہ اهڙي ئي هوندي آهي) هُو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان تائين پڄندي آهي تہ ان جي ويجهو اها دنيا وَمَافِيۡهَا (يعني دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان

۾ آهي) ڪان بهتر هوندي آهي. الله پاڪ قبر وارن ڪي انهن جي زنده متعلقين جي طرفان تحفو ڪيل ثواب جبلن جيان عطا فرمائيندو آهي، زنده ماڻهن جو تحفو مُردن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي.[1]

## دعائن جي برڪت

حديث پاڪ ۾ آهي: منهنجي اُمّت گناه سميت قبر ۾ داخل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي ته بي گناه هوندي ڇوته اها مسلمانن جي دعائن سان بخشي ويندي آهي.[2]

بخش دے بے حساب اے خُدا بخش دے
میرے ماں باپ کی، آل واَحباب کی

تجھ کو محبوب کا واسطہ یاخُدا
مغفرت کر برائے رضا یاخُدا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نوراني لباس

هڪ بُزرگ پنهنجي مرحوم پياءُ کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: ڇا زنده ماڻهن جي دعا توهان تائين پهچندي آهي؟ مرحوم جواب ڏنو: ها الله پاڪ جو قسم! اها نوراني لباس جي صورت ۾ ايندي آهي، ان کي اسان پائي وٺندا آهيون.[3]

نورِ احمد سے قبر روشن ہو
ہائے! حُسنِ عمل نہیں پلّے
خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو

وَحشتِ قبر سے بچا یارب!
حَشر میں میرا کیا ہو گا یارب!
خاکِ طیبہ کا واسطہ یارب! (4)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1 شُعَبُ الاِيْمَان، باب فی بر الوالدين، فصل فی حفظ ...الخ، جلد:6، صفحه:203، حديث:7905۔
2 معجم اوسط، جلد:1، صفحه:509، حديث:1879۔
3 شرح الصدور، باب ماينفع الميت فی قبره، صفحه:214۔
4... وسائلِ بخشش، صفحه:80ملتقطاً۔

## ملائڪن جي هڪ سُنت

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي حق ۾ بخشش جي دعا ڪرڻ تمام فضيلت وارو عمل آهي، هي نبين جي سُنت به آهي، ملائڪن جي سُنّت به آهي ۽ نيڪ ماڻهن جو پيارو پيارو وصف به آهي. جي ها! قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد ٿيو:

اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَ مَنْ حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَ يَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ

ترجموڪنزالعرفان: عرش کڻڻ وارا ۽ ان جي آسپاس موجود (ملائڪ) پنهنجي ربّ جي تعريف سان گڏ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ ان تي ايمان رکندا آهن ۽ مسلمانن جي لاءِ بخشش گهرندا آهن.(پاره:24، المؤمن:7)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو، ملائڪ ۽ اهي به نهايت فضيلت وارا، عرشِ اعظم کڻڻ وارا ملائڪ مسلمانن جي حق ۾ مغفرت ۽ بخشش جون دعائون ڪندا آهن.

## دعاءِ مغفرت نبين جي سُنت آهي

اهڙي طرح الله پاڪ جي خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي نهايت پياري دعا جيڪا شايد اسان سڀني کي ياد هوندي، قرآنِ ڪريم ۾ به ذڪر ٿي، پاڻ پنهنجي لاءِ، پنهنجي والدين ۽ سڀني مسلمانن لاء هيئن دعا ڪئي:

رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيَّ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿۴۱﴾

ترجموڪنزالعرفان: اي اسان جا ربّ! مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ سڀني مسلمانن کي بخشي ڇڏ جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو. (پاره:13، ابراهيم:41)

انهيءَ طرح حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام دعا ڪئي:

رَبِّ اغۡفِرۡ لِیۡ وَلِوَالِدَیَّ وَلِمَنۡ دَخَلَ بَیۡتِیَ مُؤۡمِنًا وَّلِلۡمُؤۡمِنِیۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتِ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: اي منهنجا ربّ! مونکي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ منهنجي گهر وارن ۾ حالتِ ايمان ۾ داخل ٿيڻ واري کي ۽ سڀني مسلمان مردن ۽ سڀني مسلمان عورتن کي بخشي ڇڏ.(پاره:29، نوح:28)

معلوم ٿيو، مسلمانن جي حق ۾ بخشش جي دعا ڪرڻ نبين سڳورن جو به طريقو آهي.

## نيڪ ماڻهن جي هڪ وصف

هاڻي نيڪ ماڻهن جي به هڪ وصف ٻڌو! قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

وَالَّذِیۡنَ جَآءُوۡ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ یَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَا اغۡفِرۡ لَنَا وَلِاِخۡوَانِنَا الَّذِیۡنَ سَبَقُوۡنَا بِالۡاِیۡمَانِ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن کان پوءِ اچڻ وارا عرض ڪندا: اي اسان جا ربّ! اسان کي ۽ اسان جي هنن ڀائرن کي بخشي ڇڏ جن اسان کان پهريان ايمان آندو.(پاره:28، الحشر:10)

يعني اهي نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهو جيڪي صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم کان پوءِ آيا، اهي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪن ٿا: اي اسان جا ربّ! اسان جي بہ مغفرت فرماءِ ۽ اسان جا اهي ڀائر جن اسان کان پهريان ايمان آندو (۽ ايمان جي حالت ۾ دنيا کان رخصت ٿيا) انهن جي بہ بخشش فرماءِ.[1]

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو، صحابہ ڪرام، اهل بيت اطهار رضی اللہ عنہم ۽ پاڻ کان پهريان گذريل اهلِ ايمان جي حق ۾ دعا ڪرڻ، انهن جي لاءِ ختم شريف ۽

1 صراط الجنان، پاره:28، سورهٔ حشر، زيرِ آيت:10، جلد:10، صفحه:77 بتغير۔

فاتحه وغيره جو اهتمام ڪرڻ جائز ۽ چڱو عمل آهي ڇوته هن ۾ انهن بُزرگن جي لاءِ دعا آهي.[1]

## دعاءِ مغفرت جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! وڌيڪ نه سهي ته گهٽ مان گهٽ روزانو هڪ ڀيرو تمام مسلمانن جي حق ۾ بخشش جي دعا ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي! حديث پاڪ ۾ آهي، منهنجي ۽ اوهان جي آقا، محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو تمام مومن مردن ۽ عورتن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي لاءِ هر مومن مرد و عورت جي بدلي هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو ته! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي هاڻي تائين اربين، ڪربين مسلمان دنيا ۾ اچي چڪا آهن، رڳو ايتري دعا ڪرڻي آهي: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِيْ وَ لِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَ مُؤْمِنَةٍ (اي الله پاڪ! منهنجي ۽ سڀني مسلمان مردن ۽ عورتن جي مغفرت فرماءِ) ان جي برڪت سان، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اربين ڪربين نيڪيون هٿ اينديون.

الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجي لاءِ، پنهنجي مري ويلن جي لاءِ بلڪ اُمّت مسلمه جي لاءِ نيڪ دعائون ڪندو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) ايصالِ ثواب ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! مري ويلن سان رحمدلي ڪرڻ جو ٻيو طريقو آهي: ايصالِ ثواب. يعني انهن کي ثواب پهچائڻ. هونئن ايصالِ ثواب مُردن ئي سان خاص ناهي، زنده کي به ثواب پهچائي سگهو ٿا.[3] البت! مري ويلن کي ايصالِ ثواب

1...نور العرفان،پاره:28، سورة حشر، زيرِ آيت:10، صفحه:873بتصرف قليل۔
2 مسندُ الشّاميين لِلطَّبَرانی،جلد:3، صفحه: 234، حديث 2155۔
3 مرقاة المفاتيح، كتاب الفتن، باب الملاحم، جلد:10، صفحه:69، زيرِ حديث:5434ماخوذاً۔

جي وڏيڪ ضرورت آهي ڇوته اهي دنيا کان وڃي چڪا آهن، انهن جي نيڪين جو سلسلو ختم ٿي چڪو، تنهنڪري انهن کي بطورِ خاص ۽ بطور عام سڀني مسلمانن کي ايصالِ ثواب ڪندي رهڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي.

## ايصالِ ثواب جو مطالبو

اعلٰي حضرت امام اهل سُنت اِمام احمد رضا خان رحمۃُ اللہ علیہ لکن ٿا: منقول آهي تہ مومن جا روح ❁ هر شبِ جُمعہ(يعني جُمعرات ۽ جمعي جي وچين رات) ❁ عيد جي ڏينهن ❁ عاشورا جي ڏينهن ❁ ۽ شبّ برات تي پنهنجي گهر اچي ڪري ٻاهر بيهي رهندا آهن ۽ هر روح غمناڪ ٿي بُلند آواز سان پڪاري چوندو آهي تہ اي منهنجي گهر وارؤ! اي منهنجي اولاد! اي منهنجا رشتيدارو! (اسان جي ايصالِ ثواب جي نيت سان) صدقو (خيرات) ڪري اسان تي مهرباني ڪيو.[1]

ہے کون کہ گِریہ کرے یافاتِحہ کو آئے
بے کَس کے اُٹھائے تِری رَحمت کے بَھرَن پھول(2)

## ايصالِ ثواب جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! ايصالِ ثواب بلڪل جائز بلڪ نيڪي جو ڪم آهي. روايتن ۾ آهي: سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم ميت جي لاءِ ايصالِ ثواب جي ترغيب ڏياريندا هئا.[3] هڪ صحابيہ رضی اللہ عنہا جن کي بنتِ عَفِيف چيو ويندو هو، اها فرمائي ٿي: اسان جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿياسين تہ پاڻ سڳورن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم اسان کان هن ڳالهہ تي بيعت ورتي تہ اسان پنهنجي مري ويلن جي لاءِ فاتحہ پڙهنداسين.[4]

---

1...فتاوىٰ رضويہ،جلد:9، صفحہ:650۔
2... حدائقِ بخشش، صفحہ:79۔
3 ڪشف الغمہ،ڪتاب الجنائز، فرع فی انتفاع الميت بالقران...الخ، جز:1، صفحہ:207ماخوذاً
4 الاحاد والمثانی لابن ابی عاصم، جلد:6، صفحہ:94، حديث:3307۔

سُبْحٰنَ الله! هن مان اندازو لڳايو تہ رحمت عالم، مڪي مدني سُلطان ايصالِ ثواب کي ڪيتري اهميت ڏيندا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِىَ اللهُ عَنْهُم کان هن ڳالھ تي باقاعده بيعت ورتي تہ ميّت جي لاءِ سُورت فاتحہ جي تلاوت ڪندا.

## ڇا فوت ٿي ويلن کي ثواب پهچندو آهي؟

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِىَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين...!! اسان پنهنجي مري ويلن جي لاءِ صدقو ڪندا آهيون، انهن جي طرفان حج ڪندا آهيون، ڇا هي انهن تائين پهچندو آهي؟ فرمايائون: **هائو! هي انهن تائين پهچندو آهي ۽ اهي هن(ايصال ثواب) تي ايئن خوش ٿيندا آهن، جيئن توهان (زنده ماڻهو) تحفو ملڻ تي خوش ٿيندا آهيو.**[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن اسان ڪي ڪو تحفو ڏيندو آهي تہ اسان کي ڪيتري خوشي ٿيندي آهي. پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اهڙي ئي خوشي مري ويلن کي ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن انهن کي ايصالِ ثواب جو تحفو پيش ڪيو ويندو آهي. هي ڪيتري پياري ڳالھ آهي، هاڻي ٿورو تصوُّر ڪيو! ❁ اسان صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ايصال ثواب ڪندا آهيون ❁ اولياءِ ڪرام کي ايصالِ ثواب جا نظرانا پيش ڪندا آهيون ❁ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ايصالِ ثواب ڪندا آهيون. ❁ خواجہ حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نياز پچرائي ڪري ماڻهن ۾ تقسيم ڪري ان جو ثواب انهن تائين پهچائيندا آهيون. ❁ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ ايصالِ ثواب پيش ڪندا آهيون، اُن تي هي بزرگ ڪيترا خوش ٿيندا هوندا. ۽ هي اسان جو ايمان ۽ يقين آهي تہ جنهن

1 عمدة القارى، كتاب الوضو، جلد:2، صفحہ:599، زيرِ حديث:216۔

سان ❁ صحابہ ڪرام ❁ اهل بيت اطهار ❁ اولياءِ ڪرام خوش ٿي وڃن، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ان جا ياڳ ٿي کُلي ويندا.

## ٻڏل جهاز واپس ملي ويا

هڪ واپاري هو، جيڪو سمندري جهازن جي ذريعي واپار ڪندو هو، هڪ ڀيرو ان واپار جي سامان سان لڏيل ڪيئي سمندري جهاز واپار جي لاءِ موڪليا پر خُدا جي طرفان ايئن ٿيو جو اهي سيئي جهاز سمند ۾ ٻڏي ويا. ان جي ملازمن ان کي خط لکي ڪري سڄي صورتحال ٻڌائي تہ ان نهايت اطمينان ۽ يقين سان جوابي خط لکيو، ان خط جو مضمون ڪهڙو هو؟ ڪنهن عاشق ان کي شعرن جي صورت ۾ بيان ڪيو آهي، ان چيو:

ادا کرتے ہیں شہ کی گیارہویں ہم
ہمیں اس بات کا مُطلق نہیں غم

اسی بحرِ کرامت کے کرم سے
ہو بیڑا پار اس بحرِ اَلَم سے

تعجب ہے ہمیں لکھتے ہیں یہ کیا
مُزکّیِ مال کیوں ہو غرق میرا

طفیلِ نُوح، بہرِ عزّت وجاہ
جہاز اپنے نہ ڈوبے ہوں گے واللہ(1)

خلاصو اهو آهي تہ ان ملازمن کي چيو: جيڪي جهاز ٻڏا آهن. اهي منهنجا نتا ٿي سگهن. توهان جهازن جي ڳولها جاري رکو! جيئن تہ خط ملندي ئي ملازمن جهاز ڳولڻ شروع ڪيا! آخر ڄڏهن ڪنارن تي پهتا تہ تمام جهاز سامان سميت صحيح سلامت موجود هئا.

بڑی کی گیارہویں اس سال اس نے
مساکینوں کو بخشا مال اس نے

بھرا کرتا تھا ہر دم شاہ کا دَم
زباں پر تھا فقط اسمِ اعظم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... برڪات گيارہويں، صفحہ:25-26 خلاصةً.

## ايصالِ ثواب اداءِ مصطفيٰ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰه عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسلَّم کي پنهنجي اُمت کان تمام گهڻو پيار آهي، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰه عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسلَّم اُمّت کي ايصالِ ثواب فرمايو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰه عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسلَّم ٻه دنبا ذبح ڪيا، هڪ جو ثواب سڄي امت کي پهچايو ۽ ٻيو پنهنجي ۽ پنهنجي اهل بيت جي لاءِ ذبح فرمايو.[1]

## مغفرت جو هڪ سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! جوتہ رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰه عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسلَّم کي پنهنجي اُمت کان بي پناه پيار آهي. لهٰذا جيڪو شخص امت مصطفيٰ صَلَّی اللّٰه عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسلَّم بلخصوص قبر ۾ لهڻ واري اُمّتي کي فائدو پهچائيندو آهي، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰه عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسلَّم ان کان گهڻو خوش ٿيندا آهن. جيئن تہ وڏا ولي ڪامل، حضرت مالڪ بن دينا رَحمَةُ اللّٰه عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ مان جمعي جي رات قبرستان ۾ ويس ڏٺو تہ اُتي هڪ نور چمڪي رهيو آهي، مون چيو: لَا اِلٰهَ اِلَّاالله...! ايئن لڳي ٿو تہ الله پاڪ قبرستان وارن جي مغفرت فرمائي ڇڏي آهي. ايتري ۾ مونکي پري کان هڪ غيبي آواز آيو: ڪو چئي رهيو هو: اي مالڪ بن دينار! هي مسلمانن جو پنهنجي مري ويل ڀائرن جي لاءِ تحفو آهي. مون چيو: توکي ان جو واسطو جنهن توکي ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائي آهي! ڇا تون مون کي ٻڌائي سگهين ٿو تہ هي ڇا ماجرو آهي؟ ان چيو: اڄ رات هڪ مسلمان اٿي ڪري وضو ڪيو ۽ ٻہ رڪعت نماز پڙهي جنهن ۾ ان سورت فاتحہ کان پوءِ قُلۡ يٰۤاَيُّهَا الۡكٰفِرُوۡنَ ۽ قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ جي تلاوت ڪئي پوءِ دعا ڪئي: اي الله پاڪ! مان ان جو ثواب مسلمان مُردن کي پيش ڪيان ٿو. سو الله پاڪ اسان تي اوپر ۽ اولهہ ۾ روشني ۽ نور ۽ خوشي ۽ سرور داخل فرمائي ڇڏيو. حضرت مالڪ بن دينار رَحمَةُ اللّٰه عَلَيه

1 ابن ماجہ، ڪتاب الاضاحی، باب اضاحی رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم، صفحہ:509، حديث:3222۔

فرمائن ٿا: ان جي بعد ڪان ونئي مون هر جمعي رات جو اها نماز پڙهڻ ۽ مري ويلن کي ايصال ثواب ڪرڻ جو معمول بڻائي ورتو. ان نيڪ عمل جي صدقي مون تي ڪرم ٿيو، هڪ رات پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ پنهنجي ديدار سان مُشرف ڪندي ارشاد فرمايو: **اي مالڪ بن دينار! جيتري قدر نور جا تحفه تو منهنجي اُمت کي ڏنا آهن الله پاڪ ان جي بدلي تنهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي آهي تو کي به ان جو ثواب عطا فرمايو آهي ۽ جنت ۾ تنهنجي لاءِ هڪ گهر بڻائي ڇڏيو آهي.** [1]

## صحابہ ڪرام ۽ مرحومن سان رحمدلي

پيارا اسلامي ڀائرو! ايصالِ ثواب صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي معمولات ۾ شامل هو. جڏهن ڪو دنيا مان ويندو هو تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان مختلف طريقن سان ان کي ايصالِ ثواب ڪندا هئا. جيئن تہ روايتن ۾ آهي: ❁ انصار صحابہ جو اهو معمول هيو تہ جڏهن ڪو مري ويندو هو تہ ان جي قبر تي ويندا ۽ اُتي قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا.[2] ❁ حضرت امام حسن و حُسَين رَضِیَ اللهُ عَنْهُما پنهنجي والدِ محترم يعني مسلمانن جي چوٿين خليفي موليٰ علي، شير خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ايصالِ ثواب جي لاءِ غلام آزاد ڪندا هئا.[3] ❁ حضرت سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي والده جي انتقال ڪان پوءِ انهن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ هڪ پاڻي جو کوهه کوٽايو پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان کوهه جو نالو بِئرِ اُمِّ سَعْد (يعني سعد جي ماءُ جو کوهه) رکيو. [4] ❁ امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه لکن ٿا: صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ستن ڏينهن تائين مُردن جي طرفان کاڌو کارائيندا هئا.[5] ❁ اهڙي طرح صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ٻين بہ ڪوڙ طريقن سان ميت کي فائدو پهچائيندا هئا،

---

1...شرح الصدور، باب ماينفع الميت فی قبرہ، صفحہ:215۔
2 شرح الصدور، باب فی قراءة القرآن للميت...الخ، صفحہ:218۔
3 مصنف ابن ابی شيبة، کتاب الجنائز، باب ما يتبع الميت بعد موته، جلد:3، صفحہ:262، حديث:12
4 ابو داود، کتاب الزکاة، باب فی فضل سقی الماء، صفحہ:274، حديث:1681مختصراً۔
5 الحاوی للفتاویٰ، طلوع الثريا باظہار ماکان خفيا، صفحہ:591۔

مثلاً ❁ سورت يٰسين شريف پڙهي ڪري ان جو ثواب ميت کي پهچائيندا هئا. ❁ بُزرگن جي استعمال ڪيل ڪپڙن ۾ ميّت کي ڪفن ڏيندا هئا. ❁ ڪفن تي آيت، ڪلمو شريف وغيره لکندا هئا تہ جيئن ميّت کي ان کان فائدو پهچي❁ دفن کان بعد ميت کي تلقين ڪندا هئا (يعني حديث پاڪ ۾ ٻڌايل طريقي جي مطابق ميّت کي قبر جي سوالن جا جواب ياد ڏياريندا هئا) ❁ان جي لاءِ قبر جي امتحان جي ڪامياب جي دعا ڪندا هئا. ❁ قبر تي ڪا آلي ٽاري يا ڪا سائي شيءِ رکندا هئا(تہ جيئن ان جي تسبيح سان ميت کي فائدو پهچي) ❁ دفن کان بعد قبر وٽ رُڪندا هئا ❁ قبرستان وڃي ڪري دعائون ڪندا هئا❁ مرحوم جي ايصالِ ثواب جي لاءِ صدقو ڪندا هئا❁ ۽ انهن جي طرفان قرباني بہ ڪندا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ توفيق بخشي، اسان کي بہ پنهنجي مرحومن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ گهرجي. الله پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

وہ ظہوریؔ یار میرا، وہی غم گُسار میرا
میری قبر پر جو آکر نعتِ نبی سُنائے

## ايصال ثواب جو طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! ايصال ثواب نهايت آسان نيڪي آهي، رڳو هڪ ننڍو ڪم ڪرڻو آهي اسان کا بہ نيڪي ڪئي مثال طور اسان ڪنهن کي هڪ روپيو خيرات ڏنو يا هڪ ڀيرو درود شريف پڙهايو يا ڪنهن کي هڪ سنت ٻڌائي يا ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏني يا سنتن ڀريو بيان ڪيو. مطلب تہ ڪو بہ نيڪ ڪم ڪيو، هاڻي دل ئي دل ۾ هن طرح نيت ڪيو، مثال طور: هاڻي مون جيڪا سنت ٻڌائي ان جو ثواب سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

1 سورِ صحابہ میں ایصال ثواب کی مختلف صورتیں، صفحہ:51-158 ملخصاً۔

ڪي پهچي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ثواب پهچي ويندو. وڌيڪ جن جن جي نيت ڪندا انهن ڪي بہ پهچندو. دل ۾ نيت هئڻ سان ڳڙوڳڙ زبان سان چئي ڇڏڻ بہ بهتر آهي. هاڻي جيڪڏهن اسان اهو نديڙو ڪم ڪري ورتو تہ ملندو ڇا؟ بهار شريعت ۾ آهي تہ: ايصال ثواب ڪرڻ واري جي ثواب ۾ ڪا بہ گهٽتائي واقع ناهي ٿيندي، بلڪ اها اميد آهي تہ ان جيترن کي ايصال ثواب ڪيو انهن سيني جي مجموعي جي برابر هن(ايصال ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو. مثلاً ڪو نيڪ ڪم ڪيو جنهن تي ان کي 10 نيڪيون مليون هاڻي ان 10 مُردن کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هرهڪ کي 10، 10 نيڪيون پهچنديون جڏهن تہ ايصالِ ثواب ڪرڻ واري کي 110 ۽ جيڪڏهن 1 هزار کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ ان کي 10 هزار 10. (نيڪيون هن ايصال ثواب ڪرڻ واري کي ملنديون)[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيترو آسان ڪم آهي، اسان سست ماڻهو آهيون، گهٽيون نيڪيون تہ ڪيون نٿيون وڃن، آسان طريقو ملي ويو، جيڪا بہ نيڪي ڪيون، ان جو ثواب حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي قيامت تائين اچڻ وارن مسلمانن کي پهچايون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي رحمت مان اُميد آهي تہ اها هڪ نيڪي اربين ڪربين ڀيرا وڌيڪ ٿي ويندي. لهٰذا اسان کي وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو سڄي ڏينهن جون نيڪيون تمام مسلمانن کي ايصال ثواب ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ثواب جو ڍير لڳي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والدين کي ايصالِ ثواب لازمي ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! سيني مسلمانن کي ئي ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا ۽ ڪرڻ بہ گهرجي، البتہ! پنهنجي والدين کي ايصالِ ثواب ڪرڻ، جيڪڏهن وفات ڪري ويا آهن تہ سندن قبر تي وڃڻ نهايت ضروري آهي. اهو بہ والدين جي

1 بہارشریعت، جلد:1، صفحہ:850، حصہ:4۔

بيشمار حقن مان هڪ حق آهي. هن ضمن ۾ 5 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهو: (1) ثواب جي نيت سان والدين جي قبر جي زيارت ڪرڻ واري کي مقبول حج جي برابر ثواب ملندو ۽ ڪثرت سان انهن جي قبرن جي زيارت ڪرڻ واري (جي فوت ٿيڻ کان بعد ان) جي قبر جي زيارت ڪرڻ جي لاءِ ملائڪ ايندا.[1]

(2): جيڪو پنهنجي والدين جي طرفان حج ڪندو تہ اُن (يعني ماءُ يا پيءُ) جي طرفان حج ادا ٿي ويندو ۽ حج ڪرڻ واري کي وڌيڪ 10 حج جو ثواب ملندو.[2]

سُبۡحٰنَ اللہ! جڏهن بہ نفلي حج جي سعادت حاصل ٿئي تہ مري ويل ماءُ يا پيءُ جي نيّت ڪري ونو تہ جيئن ان کي بہ حج جو ثواب ملي، اوهان جو بہ حج ٿي وڃي بلڪ وڌيڪ 10 حج جو ثواب هٿ اچي. جيڪڏهن والدين مان ڪو هن حال ۾ مري ويو تہ اُن تي حج فرض ٿي وڃڻ جي باوجود اهو نہ ڪري سگهيو هو تہ هاڻي اولاد کي حجِ بدل جو شرف حاصل ڪرڻ گهرجي. ”حج بدل“ جا تفصيلي احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ امير اهل سنت محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جي ڪتاب **رفيق الحرمين** صفحو: 208 کان 214 جو مطالعو فرمايو.

(3) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي! جڏهن توهان مان ڪو ڪجهہ نفلي خيرات ڪري تہ ان گهرجي تہ پنهنجي والدين جي طرفان ڪري جو ان جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان جي(يعني خيرات ڪرڻ واري جي) ثواب ۾ ڪا ڪمي بہ نہ ايندي.[3] (4) هڪ روايت ۾ فرمايو: ٻانهو جڏهن والدين جي لاءِ دعا ڪرڻ ترڪ ڪري ڇڏيندو آهي تہ ان جو رزق منقطع ٿي ويندو آهي.[4] (5) جيڪو شخص جمعي واري ڏينهن پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت

---

1 نوادر الا صول، الاصل الخامس عشر...الخ، جلد:1، صفحہ:72۔
2 دار قطنی، کتاب الحج، باب المواقیت، جلد:1، صفحہ:204، حدیث:2587
3 شُعَبُ الۡاِیۡمَان، باب فی بر الوالدین، فصل فی حفظ حق...الخ، جلد:6، صفحہ:205، حدیث:7911۔
4 جمع الجوامع، جلد:1، صفحہ:292، حدیث:2138۔

ڪري ۽ ان وٽ سورت يٰسين پڙهي بخشجي ويندو.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلام جو خلاصو هي آهي تہ اسان مسلمان آهيون ۽ اسان جو پيارو دين اسلام اسان کي ڀلائي جو درس ڏيندو آهي، اسان کي گهرجي تہ عام دنيادارن جيان صرف قبر جي ڪڏ تائين گڏ نہ رهون بلڪ پنهنجي عزيزن رشتيدارن پڻ تمام مسلمان ڀائرن سان موت کان بعد بہ ڀلائي ڪندا رهون. ان جا 2 طريقا آهن: (1) انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جيترن مسلمانن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪنداء انهن جي ڳڻپ جي برابر نيڪيون ملنديون. جيڪڏهن تمام مسلمانن جي لاءِ دعا ڪندا تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪجهہ سيڪنڊن ۾ اربين کربين نيڪيون ڪمائي وٺندا. (2) ٻيو طريقو اهو آهي تہ ايصالِ ثواب جي عادت بڻايو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي رحمت مان اُميد آهي تہ هڪ نيڪي جو ثواب جيترن کي پهچائينداء سيني جي ڳڻپ جي برابر وڌائي ڪري اسان جي اعمالنامي ۾ ثواب لکيو ويندو. يعني ايصالِ ثواب جي ذريعي اسان پنهنجي هڪ نيڪي کي ڪيئي سؤ بلڪ اربين کربين ڀيرا وڌائي سگهون ٿا. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

ايصالِ ثواب جا فضائل ۽ فوائد ۽ ان جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ امير اهل سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مختصر رسالو ” فاتحہ ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو“ پڙهي وٺندا!

1 الكامل لابن عدى، رقم:1321، عمرو بن زياد...الخ، جلد:6، صفحه:106۔

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! سُنّت جو پابند بڻجڻ ۽ نيڪين جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابسته ٿي وڃو ديني ڪمن ۾ عملي طور شرڪت ڪيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جون ڪوڙ ساريون برڪتون حاصل ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع به آهي. اوهان کان التجاء آهي ❁ پابنديءَ سان هن ۾ شرڪت فرمايو❁ ديني اجتماع ۾ ويهڻ ۽ ذڪر ڪرڻ وارن جو پنهنجو ته ڇا شان هوندو! حديث شريف جي مطابق جيڪو انهن وٽ ويهي رهي، اهو به بدبخت ناهي رهندو.[1]

❁ اَلحَمْدُلله! هفته وار اجتماع ۾ ذڪر ٿيندو آهي ❁ علم دين به سکڻ جي لاءِ ملندو آهي ❁ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ ۽ ❁ مسجد ۾ وقت گذارڻ نصيب ٿيندو آهي ❁ هڪ اهم برڪت اها آهي ته ديني اجتماع جي لاءِ وڃڻ به راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي، هفته وار اجتماع ۾ تشريف ڪٽي ايندا ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گهر مان نڪرڻ کان وٺي ڪري واپس موٽڻ تائين سڄو وقت راهِ خدا ۾ شامل ٿيندو.

هر جمعرات پابندي سان هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر شرڪت جي نيّت ڪيو!

## ڏاڙيل جي توبه

ڪراچي ۾ هڪ هنڌ امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو بيان هو، هڪ اسلامي ڀاءُ اُن اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ نڪتو، جيئن هُو هڪ سوڙهي ۽ اونداهي گهٽي ۾ پهتو ته هڪ ڏاڙيل سندس ڳلي تي خنجر رکي چيو: جيڪو ڪجهه اٿئي، ڪڍي ڇڏ. اُن اسلامي ڀاءَ نهايت نرمي سان چيو: جيڪو اوهان کي ملي ڪٽي وٺو، ڏاڙيل کيسن جي تلاشي ورتي، ڪنهن کيسي مان عطر جي شيشي، ته ڪنهن مان تسبيح نڪتي. ڏاڙيل ڪاوڙ ۾ اچي ڪري چيو: ڪٽي

---

1 مسلم،ڪتاب الذکر و الدعاء...الخ، باب فضل مجالس الذکر، صفحہ:1037، حديث:2689۔

وجي رهيا آهيو؟ اسلامي ڀاءُ نهايت ئي نرمي سان چيو: اسان جي شيخ طريقت، امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو بيان آهي، ان ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ وڃان پيو. اِهو ٻڌي ڪري ڏاڙيل خاموش ٿي ويو، خاموشي جو فائدو وٺندي ان اسلام ڀاءُ ڪيس نيڪي جي دعوت ڏيندي چيو: اوهان به اسان سان گڏ اجتماع ۾ هلو! آهسته لهجي ۽ نرم آواز ۾ ڏنل مخلصانه دعوت يڪدم اثر ڏيکاريو، ڏاڙيل چيو: هلو مان به هلان ٿو. اجتماع ۾ پهچي ڪري امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي زيارت ڪيائين، بيان ٻڌو، اجتماع ڪان پوءِ ان ڏاڙيل نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري اُن اسلامي ڀاءُ کي خنجر پيش ڪندي چيو: هي اوهان رکي ڇڏيو، هاڻي مون کي هن جي ضرورت ناهي ڇوته مان پنهنجي گناهن کان سچي توبه ڪري امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذريعي غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد ۽ عطاري بڻجي ويو آهيان.

| | |
|---|---|
| چورڈاکو آوندے نیں نَمازی بن جاندے نیں | عاشِق لندن پیرس دے حاجی بن جاندے نیں |
| مِٹھا مُرشِدُ ویکھو تقدیراں اے سنوار دا | میرا پیر میرا پیر میرا پیر میرا پیر |

## ”نعت ڪوليڪشن“ (Naat Collection) موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسمارٽ فون جي ذريعي به علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ جي طرفان هڪ ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي: جنهن جو نالو آهي: ***Naat Collection*** (نعت ڪليڪشن). ❁ هن ايپلي ڪيشن ۾ اعليٰ حضرت، شهزادگانِ اعليٰ حضرت، برادرِ اعليٰ حضرت، خليفه اعليٰ حضرت، مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ۽ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪلام کي شامل ڪيو ويو آهي ❁ هر ڪلام جي مجموعي ۾ ڪلامن کي حرف تهجي ۽ رديف جي ترتيب تي ڏسي سگهجي ٿو جڏهن ته سرچ بار مان پنهنجو مطلوبه

ڪلام آساني سان ڳولهي سگهجي ٿو ❁ ڪلام ڪي فروي m3 ڊائون لوڊ ڪرڻ جي سهولت بہ موجود آهي. ❁ پسنديده ڪلام ڪي نشان لڳائي ڪري باربار پڙهي سگهجي ٿو. ❁ پنهنجي پسنديده ڪلام ڪي مائي ڪليڪشن فيچر ۾ محفوظ ڪري سگهو ٿا جڏهن تہ ڪلام يا شعر ڪي ڪاپي ڪري واٽس اپ، فيس بڪ، ٽويٽر وغير تي آساني سان شيئر ڪري سگهجي ٿو. هن ايپ ڪي پاڻ ڊائون لوڊ ڪيو ۽ ٻين ڪي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪي اِختِتام ڏانهن آڻيندي ايصال ثواب بابت ڪجھ مدني گل پيش ڪيان ٿو.

## ايصال ثواب جا مدني گل

شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة لکن ٿا

﴿1﴾ ايصالِ ثواب جي لفظي معنىٰ آهي: ”ثواب پهچائڻ“ هن ڪي ”ثواب بخشڻ“ بہ چئبو آهي، پر بزرگن جي لاءِ ”ثواب بخشڻ“ چوڻ مناسب نہ آهي، ”ثواب نذر ڪرڻ“ چوڻ ادب جي وڌيڪ ويجهو آهي.

﴿2﴾ ❁فرض، ❁واجب، ❁سنت، ❁ نفل، ❁ نماز، ❁ روزو، ❁زڪوٰة، ❁حج، ❁نعت شريف، ❁ذڪراللّٰه، ❁درود شريف، ❁بيان، ❁درس، ❁مدني قافلن ۾ سفر، ❁علاقائي دورو ❁ ديني ڪتابن جو مطالعو ❁ نيڪي جي دعوت وغيره هر نيڪ ڪم جو ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا.

﴿3﴾ ميّت جو ❁تيجهو، ❁ڏهو، ❁ چاليهو، ❁ ۽ ورسي ڪرڻ تمام سٺا ڪم آهن چوتہ اهي ايصال ثواب جا ئي ذريعا آهن

﴿4﴾ ٽيجهي جي ماني چو تہ عام طور تي دعوت جي صورت ۾ ٿيندي آهي ان ڪري اميرن لاءِ جائز نہ آهي رڳو غريب ۽ مسڪين کائن، تن ڏينهن کان پوءِ بہ

ميّت جي ماني ڪائڻ ڪان شاهوڪارن (يعني جيڪي فقير نہ هجن انهن) کي بچڻ گهرجي.

﴿5﴾ هڪ ڏينهن جي ٻار کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا ان جو ٽيجهو وغيره ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي ۽ جيڪي زنده آهن انهن کي بہ ايصال ثواب ڪري سگهجي ٿو.

﴿6﴾ انبياء ۽ مرسلين عَلَيۡهِمُ السَّلَام، ملائڪن ۽ مسلمان جِنّات کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو.

﴿7﴾ ٻارهين شريف، رجبي شريف (يعني 15 رَجبُ المُرَجَّب جو سيّدنا امام جعفر صادق رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جا ڪوندا ڪرڻ) وغيره جائز آهي.

﴿8﴾ داستانِ عجيب، شهزادي ڪا سر، دس بيبيون کي ڪهاني، جناب سيده کي ڪهاني وغيره اهي سڀ من گهڙت (ڪوڙا) قصا آهن، انهن کي هرگز نہ پڙهندا ڪريو. اهڙي طرح هڪ پمفليٽ "وصيت نامو" نالي سان ماڻهو ورهائيندا آهن جنهن ۾ ڪنهن "شيخ احمد" جو خواب لکيل هوندو آهي اهو بہ جعلي آهي ان ۾ مخصوص تعداد ۾ ورهائڻ جي فضيلت ۽ نہ ورهائڻ جا نقصان وغيره لکيل هوندا آهن انهن تي اعتبار نہ ڪريو.

﴿9﴾ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام جي فاتحہ جي ڪاڌي کي تعظيماً "نذر ۽ نياز" چوندا آهن ۽ اهو جائز آهي، ان کي امير، غريب سڀئي کائي سگهن ٿا .

﴿10﴾ "نياز" ۽ "ايصالِ ثواب" جي ڪاڌي تي فاتحہ پڙهائڻ جي لاءِ ڪنهن کي گهرائڻ يا ٻاهرين مهمان کي کارائڻ شرط ناهي، گهر ڀاتي جيڪڏهن پاڻ ئي فاتحہ پڙهي، کائي ڇڏين تڏهن بہ ڪو حرج ناهي.

﴿11﴾ روزانو جيترا ڀيرا ڪاڌو ڪائو حسبِ حال سنين سنين نيتن سان ڪائو، ان ۾ جيڪڏهن ڪنهن بزرگ جي ايصالِ ثواب جي نيّت ڪري ڇڏيو تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي. مثلاً ۞ ناشتي ۾ نيّت ڪريو هاڻي اڄ جي ناشتي جو ثواب سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي وسيلي سان سڀني نبِيّن عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي پهچي.
۞ ٻپهري جي ڪاڌي جي اها نيّت ڪريو جيڪو ڪاڌو ڪائينداسين ان جو ثواب

سرڪار غوث اعظم ۽ تمام اولياءِ ڪرام رحمهم الله السلام ڪي پهچي، راتِ جو نيت ڪريو هاڻي جيڪو ڪائينداسين ان جو ثواب امام اهلسنت امام احمد رضا خان رحمة الله عليه ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت کي پهچي يا هر پيري سپني کي ايصالِ ثواب ڪيو وڃي ۽ اهوئي اَنسب (يعني زياده مناسب) آهي. ياد رهي! ايصال ثواب رڳو انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهندو جڏهن اهو کاڌو ڪنهن سٺي نيت سان کاڌو وڃي. مثال طور عبادت تي طاقت حاصل ڪرڻ جي نيت سان کاڌائين ته هي کائڻ ثواب جو ڪم ٿيو، ان جو ايصال ثواب ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هڪ به سٺي نيت نه هوندي ته کاڌو کائڻ ته مباح ٿيندو پر ان تي نه ڪو ثواب ۽ نه ئي گناهه. ته جڏهن ثواب ئي نه مليو ته ايصالِ ثواب ڇا جو! البت پين کي ثواب جي نيت سان کارايو هوندائين ته انهيءَ کارائڻ جو ثواب ايصال ٿي سگهجي ٿو.

﴿12﴾ سنين سنين نيتن سان کائي ويندڙ کاڌي کان پهريان ايصال ثواب ڪيو يا کاڌي کان بعد، ٻنهي طرح درست آهي.

(13) ٿي سگهي ته هر ڏينهن (نفعي تي نه بلڪ) پنهنجي وڪري (Sale) جو چوٿائي فيصد (يعني چار سؤ روپين تي هڪ روپيو) ۽ ملازمت ڪرڻ واري پگهار مان هر مهيني گهٽ مان گهٽ هڪ فيصد سرڪار غوث اعظم رحمة الله عليه جي نياز جي لاءِ ڪڍندا ڪريو. ايصال ثواب جي نيت سان انهي رقم مان ديني ڪتاب ورهايو يا ڪنهن به نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪريو اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! هن جون برڪتون پاڻ ئي ڏسندؤ.

﴿14﴾ مسجد يا مدرسي جو ٺاهڻ، صدقه جاريه ۽ ايصال ثواب جو بهترين ذريعو آهي.

﴿15﴾ ايصالِ ثواب صرف مسلمان کي ڪري سگهو ٿا. ڪافر يا مُرتَد کي ايصالِ ثواب ڪرڻ يا ان کي مرحوم، جنتي، خلد آشيان، مغفور، چوڻ ڪفر آهي.